SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2000

# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance No.X of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.X of 2000

4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance No.X of 2000

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Ordinance No.X of 2000

6. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Ordinance No.X of 2000

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 2000

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 2000

# سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ELECTIONS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[14 نومبر 2000]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر 1999 جي هنگامي حالتن واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ٿيل 1999 جي پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 جي آرٽيڪل (2)3 تحت صوبي جي گورنر ڪي چيف ايگزيڪيوٽو جي هدايتن تي عمل ڪرڻو آهي؛

۽ جيئن تہ 1999 جي پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9 جي آرٽيڪل 4 تحت، صوبي جو گورنر چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي آرڊيننس جاري

۽ نافذ ڪري سگھي ٿو.

۽ جيئن تہ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊر، 2000 (2000 جو نمبر 8) تحت، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان چيف اليڪشن ڪمشنر کي صوبي ۾ مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ جو اختيار ڏنو آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اختيارن ۽ ڪيس سونپيل ٻين سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر، چيف ايگزيڪيوٽو آف پاڪستان جي هدايتن تي هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون (ترميم) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance No.X of 2000

2. سنڌ مڪاني حڪومت چونڊون آرڊيننس، 2000 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظ "ديهن" کانپوءِ ڪامائن ۽ لفظن "يا، علائقن جي صورت ۾ جتي سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 تحت زمينن جو سيٽلمينٽ نہ ٿيو آهي، هڪ يا وڌيڪ آبادي جي آدمشماري جا ڳوٺ" شامل ڪيا ويندا.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 6 جي ترميم

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (b) ۾ لفظ "ورڪرس" کانپوءِ لفظن "بشرطيڪ گھٽ ۾ گھٽ هڪ سيٽ موجب" شامل ڪيا ويندا.

Amendment of section 6 of Sindh Ordinance No.X of 2000

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance No.X of 2000

4. جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (b) ۾ لفظ "ورڪرس" کانپوءِ لفظن "بشرطيڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيٽ موجب" کي شامل ڪيو ويندو.

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Ordinance No.X of 2000

5. جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 9 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"9. خاص اقليتي سيٽون. هڪ مڪاني علائقي ۾ جتي اقليتي آبادي علائقي جي ڪل آبادي ڏهہ سيڪڙو کان وڌيڪ آهي، گذريل دفعات ۾ جاٽايل سيٽون اهڙيءَ ريت ڏنيون ويندون جيئن حڪومت طئي ڪري."

سنڌ 2000 جي آرڊيننس نمبر X جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Ordinance No.X of 2000

6.جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 13 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو، يعني:

"(2) يونين ڪائونسل جي ميمبرن جي چونڊن لاءِ يونين هڪ گڏيل ميمبرن جو وارڊ هوندو، سواءِ يونين ناظم ۽ نائب ناظم جي."؛ ۽

(ii) ذيلي دفعہ (3) کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**